جاويد احمد شيخ

# امداد حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ آفاقيت


## *Abstract:*

### Universality in the poetry Imdad Hussaini

The word 'آفاق' Aafaq is taken from Arabic Language, which means - world, universe, cosmos. The word 'آفاق' is plural of the word 'اُفق' (Ufaq) which means sky / Heaven. The word Afaqi is Adjective of the word Afaq which means universal / cosmopolitan. It is a term which is relevant not only to literature but as well to art. The artistic work of any artist is not restricted as art knows no boundaries marked in this world by states, governments or countries. The message of universality reaches every nook and corner of the world.

*The creative power of a universal art work enlightens and inspires internationally. When we view the various poetic genres of Imdad Hussaini in the perspective of universality, we see that their reach and composition is beyond any discrimination of cast, colour or creed. The sun which rises from the horizon of study and observation of his work illuminates the whole universe. It is man (and only man) that is the central figure of Imdad's poetry.*

*Man can be the victim of exploitation in any part of the world - Palastine, Kashmir, Lebanon, Congo, America. We see the pen of Imdad protesting against all kinds of exploitation and victimization be it any part of the world. Imdad Hussaini shall be known as one of the greatest poets around the world if his works were translated in other languages and presented to the world.*


'**آفاق**' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي! 'آسمان، عالَم، سنسار، جَڳ، دنيا جهان.' هيءُ اُفق جو جمع آهي. اُفق معنيٰ آسمان. جڏهن ته آفاقي ان جي صفت آهي، جنهن جي معنيٰ ٿئي ٿي سڄي دُنيا جو، عالَمگير، Universal. آفاقيت يا عالمگيريت (Universality) ادبي اصطلاح آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته جُملي لطيف فنن جي لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهي، جنهن ۾ ڪنهن به فنڪار جو فن پارو محدوديت کان ماوريٰ ٿئي ٿو. سندس تخليق دنيا تائين ڦهليل هُجي، سندس دائرو





ساري عالَم تائين وسيع ۽ رَسائي حاصل ڪرڻ جيتري قوَت رکندڙ هُجي. سندس تخليق ۾ بين الاقوامي شعور جا شعاع نڪرندا هُجن، ته پوءِ اهڙا روشن خيال، ترقي پسند، روشن ضمير ۽ انسان دوست آرٽسٽ، عالَمي آکهه جا فرد / نمائندا بڻجي وڃن ٿا. هنن جو ڳوٺ سارو عالَم ٿئي ٿو؛ جنهن ڪان پوءِ سندن فن جو محوَر ۽ مرڪز سارو جڳ، جڳ سان سَلهاڙيل ماڻهو ۽ ماڻهن جا مسئلا هُجن ٿا. هن اصطلاح جي نقطي نظر سان ڏٺو وڃي ته دنيا هڪ ملڪ يا قوم آهي.

"Universality. That quality in a work of art which enables it to transcend the limits of the particulars situation, place, time, person and incident in such a way that it may be of interest, pleasure and profit (in the non-commercial sense) to all men at any time in any place. As it was expressed in the treatise on the sublime. Lofty and true greatness in art pleases all men in all ages. The writer who aspires to universality therefore concerns himself with, primary, aspects of human nature and behaviour which seldom or never change."(1)

مطلب عالَمگيريت يا آفاقيت، فن ۽ ادب جي هڪ اهڙي خاصيت آهي، جيڪا ڪنهن خاص معاملي، جڳهه، وقت، شخص ۽ واقعي جي حدن کي پار ڪري ٿي يا حدن کان بالاتر آهي. عالَمگيريت ۾ دلچسپي، خوشي ۽ فائدو، سمُوري انسان ذات لاءِ هر جڳهه لاءِ هُوندو آهي. جڳ مشهُور مفڪر لانجينيس (Longinus) جي مشهُور دستاويزي حيثيت رکندڙ ڪتاب: 'On the Sublime' ۾ بيان ٿيل آهي ته عالَمگيريت جي سچي ۽ مٿانهين عظمت هر دور جي سيني ماڻهن کي سَرهائي ڏئي ٿي. اهڙو ليکڪ جيڪو عالمگيريت جي خواهش رکي ٿو، اُن جو بنيادي فڪر انساني فطرت ۽ رويو هُوندو آهي، جيڪو ڪڏهن به ڪنهن به حالت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي.

جڏهن دنيا کي هڪ ملڪ يا قوم تسليم ڪريون ٿا ته اسان کي اهڙي شعُوري شاهدي ڪلام پاڪ مان به ملي ٿي. ساڍا چوڏهن سئو سال اڳ لکيل الهامي ڪتاب، اجتماعي انساني يا عالَمي برادريءَ جا اُهڃاڻ يا ارتقا جو تصور پيش ڪري ٿو.

"وَمَا كَانَ النَّاسُ إِلَّآ أُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا"(سورة يُونس آيت ١٩)

**ترجمو:** ۽ (اصل) ماڻهو هڪ ٽوليءَ کانسواءِ نه هوا پوءِ اختلاف ڪيائون.

(ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي)

**تفسير:** پر پوءِ پاڻ ۾ ضد ۽ اختلاف ڪري جُدا جُدا ٽوليون ٿاهيائون. ڪين

سمجهائڻ لاءِ نبي آيا.“(٢)

هڪڙي ڳالھ واضح آهي تہ دنيا جي ابتدائي ارتقائي ڏينهن ۾ سڀ ماڻهو مشترڪ ماحول جوڙي گڏجي سڏجي رهندا هُئا. هڪڙي جا ڏُک ٻئي جا ڏُک سمجهيا ويندا هُئا. هڪ جي خوشي ٻئي جي خوشي تصوُر ڪئي ويندي هُئي. ائين ڪٿي چئجي تہ هر جذبو، هر خواهش، هر احساس ونڊ وِرڇ (Share) ٿيندو هو. محدود وسيلن باوجُود محبت کي مِٺو ۽ صحبت کي سُٺو سمجهيو ويندو هو، پر مفادن جي مِٺاڻ ۽ غرض جي گنجائش وڌي وڃڻ ڪري، ماڻهو ماڻهوءَ کان بيزار ٿي، ڇِڄي ڌار ٿيڻ لڳا. جيئن ڪا ئي سُهڻي موتيُن مالها سَٽ ڏيڻ سان ڇڄي پوي ۽ موتي موتي ڪري وِکري وِڃائجي وَڃي؛ ايئن انسان پنهنجي پنهنجي ڌار ڪُني چاڙهي ويهي رهيو، جنهن کي وري ويجهو آڻڻ ۽ ميڙي مُٺ ٿيڻ لاءِ هر دور ۾ ڪي پيغامبر، رشي، صُوفي، سَنت ساڌُو، رهبر رهنما ۽ شاعر پيدا ٿيندا رهيا، جن پنهنجي پيغام کي سرحدن جي محتاجيءَ کان سواءِ انساني خدمت ۽ سُڌاري تي يقين رکندي پکيڙيو، جنهن ۾ ساري عالَم لاءِ گڏيل فڪر ۽ شعور جو تصوُر ڏنو ويو.

اُردوءَ جي ادبي اصطلاحن جي تشريحي لُغت هن Term ’آفاقيت‘ کي هن طرح واضح ڪري ٿي:

”آفاقیت (Universality) یہ جملا فنون کی اصطلاح ہے جب کہ آفاقیت، فنون کی ایک معروف موضوعی اصطلاح ہے۔ انسانی جذبوں اور احساسات کا ایسا فنی اور جمالیاتی اظہار جو جغرافیائی اور مقامی حدود سے ماوراہو کر کُل نوعِ انسانی کے Experience کی ترجمانی کرے آفاقیت ہے۔

انسان کے بنیادی جذبے اور جبلتیں ایک سی ہیں، چنانچہ وہ فن پارہ جو مقامیت کی قید میں اسیر ہو کر ایک خاص حصے، طبقے یا گروہ کا نمائندہ ہو جاتا ہے، انسانوں کا یہ گروہ تو ممکن ہے، اس سے حظ یاب ہو لیکن کُل نوعِ انسانی اس فن پارے کا موضوع نہیں ہو گا۔ ہر آفاقی قدر مقامی ہوتی ہے لیکن ہر مقامی قدر آفاقی نہیں ہوتی۔“(٣)

آفاقي شاعريءَ جو بنيادي مُحرڪ، محوَر ۽ مرڪز فقط انسان ئي آهي ۽ انهيءَ آدم زاد سان سلهاڙيل ڏک سک، اهنج ايذاءَ، محروميون محڪُوميون، خوشيون ۽ خاصيتون آهن. ان کان علاوه ساڻس ٿيندڙ استحصال، ناانصافي، نابرابري، ظلم، تشدد ۽ ويڳاڻپ آهي، بي قدري آهي. انسان قدرت جي جُملي تخليقن مان انتهائي





افضل، اعليٰ، سُهڻو، سُڌريل ۽ سوچ سمجھ ۾ فضيلت وارو آهي، هُو خواهش بہ رکي ٿو تہ صلاحيت بہ رکي ٿو. ادنيٰ بہ آهي تہ اعليٰ بہ ٿي ڏيکاري ٿو. سمجھُو بہ آهي تہ ناسمجھ بہ آهي؛ پر جنهن ماڻهوءَ پنهنجي انساني جوهر کي سُڃاڻي ورتو، اُهو پاڻ ارپڻ جي طرف ٿي بيٺو ۽ جنهن نہ سُڃاتو اُهو راهان رد ٿي ويو. انسان ئي انسان جي ڪم اچي ٿو ۽ اعليٰ عظمت وارو درجو ماڻي ٿو. تِنهان پوءِ جڳ کيس ڪنهن خاص نالي سان سڏي ٿو؛ مگر ڪو انسان مان ڦِري حيوان ٿي پيو تہ پوءِ اُهو باغن کي باهيون ڏئي بَرپَٽ بڻائي سگهي ٿو؛ عاليشان عدن اُجاڙي سگهي ٿو. پنهنجي ئي نسل جي پيرن تي ڪُهاڙي هڻي دنيا کي دوزخ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ضروري آهي تہ انسان هڪ ٻئي لاءِ احترام، عزت، آدر ڀاءُ، خيال ۽ سهُولت مهيا ڪري.

”انسان جي بقا جو راز، انسانيت جي احترام ۾ آهي. جيستائين ساري دُنيا جون تعليمي قوتون، پنهنجو سارو ڌيان انسانيت جي احترام ڏانهن نہ ڪنديون، تيستائين هيءَ دنيا بَدستُور درندن ۽ حيوانن جي بستي ٿي رهندي.“(٤)

آفاقيت جي آڪاس کي ڪُشادي ۽ Concept کي Clear ڪرڻ کان پوءِ هاڻي اچجي اصل عنوان ڏانهن ۽ ڏِسجي، پڙهجي ۽ پرکجي تہ سنڌ جي جديد خيالن واري شاعر امداد حُسينيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ’آفاقيت‘ جي آجيان ڪهڙيءَ طرح ڪئي آهي. سنڌ کي قومي شعور ڏيندڙ سندس شاعري بين الاقوامي شعور ۾ ڪهڙيءَ ريت تبديل ٿي آهي. هُو فن ۾ مَقاميت جو قائل هوندي، عالمگيريت ۽ آفاقيت جو داعي آهي.

امداد حُسينيءَ جي شخصيت جا ڪيترا ئي حوالا آهن. هُو هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار بہ آهي، تہ ناٽڪ نگار بہ آهي، تہ ترجمي نگار بہ آهي، تہ هُو فلمي گيت ڪار بہ آهي، تہ ٻارن جو شاعر بہ آهي. هُو تنقيد نگار بہ آهي، تہ عُمدي قسم جو اسلُوب رکندڙ نثر نگار بہ آهي، پر سندس شخصيت جو جيڪو وڏو حوالو ۽ خاص سُڃاڻپ آهي، سا ’شاعر‘ واري آهي، جيڪا سُڃاڻپ سندس شاعريءَ جي Aspects جي ڪري عظمت جي آسمان تائين رسائي حاصل ڪري ٿي. امداد جي گهڻ رنگي ۽ گهڻ پاسائين شاعريءَ مان هڪڙو رنگ سُرنگ آفاقيت بہ آهي، جنهن تي پرکي، امداد جي عظمت اُجاگر ڪري کيس ڀيٽا پيش ڪجي ٿي.

امداد حُسينيءَ شاعريءَ جي شروعات ٻارهن ٻارهن سالن جي عُمر ۾ ١٩٥١ع جي لڳ ڀڳ ڪئي. هُن شاعريءَ جي شروعات ٻارن لاءِ نظم ۽ گيت لکي ڪئي.

سندس پهريون شعري مجمُوعو ’امداد آهي رول‘ ١٩٧٦ع ۾ ڇپيو. امداد حُسينيءَ پنهنجي مُهڙئين شعري مجمُوعي جي اشاعت کان اڳ ئي مشهوري ماڻي ورتي هُئي. هُو ان کان اڳ سنڌ هند ۾ سُڃاتو ويندو هو.

امداد حُسينيءَ جي شعري تخليقن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سندس دور تي به نظر ڦيرائجي. امداد جڏهن شاعريءَ جي شروعات ڪئي ته اُن وقت سندس عُمر پڙهڻ ۽ پيار ڪرڻ واري هُئي، هار سينگار ڪرڻ واري هُئي، پر سندس ماتر ڀوميءَ تي ڏکيا ڏينهن ١٩٥٥ع ۾ ون يونٽ لڳڻ سان اچي ڪڙڪيا هُئا. سنڌ جنهن ڏوڪي ۽ دلبي مان گذري، نئين مُلڪ جي جاگير بڻي هُئي، اُن جاگير جي جنونين سنڌ سان ڪيل وعدا وِسارڻ شروع ڪيا هُئا. ڌرتيءَ ڌڻين جيڪو سوچيو هو، ڪين پلئہ نہ پيو. اُلٽو نت نوان ڳٽ سندن ڌرتيءَ ماءُ جي ڳڇيءَ ۾ پوَڻ لڳا. سنڌي ٻوليءَ تي بندش پئي، ڪراچي شهر کان گاديءَ واري شناخت کسي وئي ۽ وڏو راتاهو ته ون يونٽ جي شڪل ۾ بنجر پُونءِ بڻائڻ لاءِ هنيو ويو. هاڻي اهڙي صُورت حال کي ڏسي، سنڌ ڄائو امداد حُسيني، لطيفي نسبت ۽ لطيفي فڪر ۽ شعور جو وارث ڪيئن ٿو پنهنجا چَپ سبي سگهي؟ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ پيدا ٿيل صُورتحال ويڳاڻپ، محروميون، نئين قسم جي محڪُومي، سنڌين لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو پيدا ڪري وِڌو. اهڙين ڏکين حالتن مان گذرندڙ قوم کي ڏسي، امداد وقت کان اڳ فڪري ۽ شعوري طور تي بالغ نظر اچڻ لڳو ۽ اهڙي بالغ پڻي جو فائدو ’حملو‘، ’سنڌ جي ڳالھ ڪريو‘، ’گيس چيمبر‘ جهڙن سندس نظمن جي صورت ۾ ثاب پيو. اهو بالغ پڻو ”امداد حُسينيءَ جي سمُوري شاعراڻي زندگيءَ جي تناظر ۾ ڏِسنداسين ته افراتفريءَ وارو ماحول نظر ايندو. دنيا ٻن عالَمي جنگين جي بربادين جي زَد ۾ نظر ايندي، ٽُٽل ڦٽل سماجن ۾ غير يقينيءَ واري صُورت حال نظر ايندي. معاشرا تبديلين جي مرحلن مان گذرندا نظر ايندا.“[٥]

امداد حُسيني سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر اهڙي خطرناڪ صُورت حال کي اکين اڳيان ڦِرندو ڏِسي، جيڪا اُتساهيندڙ شاعري (Inspirelational Poetry) ڪئي، اُن کيس همعصر شاعرن ۾ تمام گهڻو نشانبر ڪري بيهاريو. ٽڪڙ اسڪُول آف ٿاٽ ۽ خانداني ادبي ماحول مان ”امداد جو اُتساهيندڙ سفر ’حملو‘ نظم سان شروع ٿئي ٿو، جنهن هن کي پنهنجي اسڪُول آف ٿاٽ ٽڪڙ کان ڌار سُڃاڻپ ڏني.... امداد حملو ڪري سڀ بُت ڀاهي ڇڏيا ۽ هڪ وِهائو تاري جيئان اُڀريو.“[٦]





امداد حُسينيءَ جو ’حملو‘ نظم، عالمگير احساس ۽ جذبا رکندڙ آهي. جڏهن ته نظم ۾ سندس سنڌ به موجود آهي، جنهن سنڌ کي امداد، دنيا جي ڏکويل ماٽرين سان ڀيٽيو آهي ۽ انهن ۾ شُمار ڪيو آهي. هيءُ نظم هڪ ديس ۾ رهزنن هٿان هنيل راتاهي سان شروع ٿي، دُنيا جي انهن ماڻهن جي تذڪري تي ختم ٿئي ٿو، جن مٿان پيار ڪرڻ جا الزام لڳا؛ جن مٿان سچ ۽ محبت سان وفاداريءَ جا ڏوھ لاڳو ڪيا ويا ۽ ماڻهن سان عشق ۽ ساڻن احترام سان پيش اچڻ وارن جو انجام ڏيکاريو ويو آهي. هن نظم ۾ هڪ زوردار ڇُهندڙ ۽ تِکي طنز (Satire) رکيل آهي. هيءُ نظم باضميرن جي ذهنن کي جهنجهوڙي ٿو ۽ سوچڻ تي مجبُور ڪري ٿو. ظالم لاءِ دل ۾ نفرت ۽ حقارت محسُوس ڪرائي ٿو. غلط ۽ صحيح ۾ تميز ڪرائي ٿو، جڏهن ته ڪُڌا ڪم ڪرڻ وارن سماج دُشمنن، انسانيت جي ويرين کي آئينو ڏيکاري ٿو، سندن ڪِريل حرڪتن کان عام کي آگاھ ڪري ٿو. هيءُ نظم انتهائي ڀيانڪ تباهيءَ واري تصوير پيش ڪري ٿو ته ڪيئن نہ ڪنهن مُلڪ/ شهر تي لڳايل راتاهي بيدار ۽ ڌڙڪندڙ دلين جي سينن ۾ لڳل خنجر سان ڇا ٿيندو آهي؟ هي هڪڙا ڏکيا سوال آهن. هن نظم ۾ انهن جا جواب به ڏنل آهن ته اهڙي صُورت حال ۾ روئي روئي آخرڪار متاثر ڌر خاموشي اختيار ڪري ونندي آهي. ميوزيم ۾ رکيل گياني گوتم جي مُورتي اهڙي الميي تي احتجاجًا اُونڌي ٿي وڃي ٿي. پيار جي علامت بانسري ڀَڄي ٿي پوي. ديس مان نوحا ۽ نغما رُسي ٿا وڃن. هڪ وار ٻيهر ڏاهو زهر پي تاريخ کي ورجائي ٿو. هر ڏسا درد ۽ تنهائيءَ جا ديوَ ۽ ويراني، خاموشي برپا ڪندڙ ڌاڙيل قبضو ڄمائي ٿا ويهن ۽ اُن کان پوءِ همدرد، هم راز ۽ مالڪي ڪندڙ جي ضرورت پيش اچي ٿي. هن صُورت حال ۾ ڪير ڌيان ڌري يا نہ ڌري، پر هڪڙو شاعر امداد حُسيني جاڳي ٻين کي جاڳائي ٿو. نہ رڳو پاڻ ڏسي ٿو، ٻين کي به ڏسڻ تي مجبُور ڪري ٿو، نہ صرف سوچي ٿو پر ٻين کي به سوچڻ تي مجبُور ڪري ٿو ۽ لکي ٿو، شعور ڏئي ٿو ان لاءِ ته ”هن وٽ بين الاقوامي شعور آهي، هُن جي نظم ۾ سڄي دنيا جون پُڪارون آهن. هو صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي. سندس نظم ’حملو‘ ان جو مثال آهي.“[٧]

هُن جو هيءُ نظم طويل آهي. ان سمُوري کي واضح ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. سارو رَت سان رڱيل آهي. خون ۽ ڪٿوري لڪندي ناهي. بهر حال هي سمُورو نظم آفاقي آهي ۽ آفاقي قدرن وارو حُسن و جمال ۽ جلال رکي ٿو. ”هر وڏي شاعري

آفاقي هُوندي آهي، پر ان جون پاڙون پنهنجي ٻوليءَ جي ڌرتيءَ ۾ هُونديون آهن. ’حملو‘ نظم جون پاڙون بہ پنهنجي ڌرتيءَ ۾ آهن، پر اهو ايڏو شاهڪار نظم آهي، جو آفاقي بڻجي ويو آهي.“(٨)

هتي ماضيءَ جو مشهور بين الاقوامي شعور ڏيندڙ نظم ’حملو‘ پيش ڪجي ٿو، جيڪو اڄ بہ عالَم جي اَبتر صُورتحال جو عڪس ۽ آئينو آهي، جنهن کي پڙهي اڌ صدي اڳ جي دنيا جي حالتن جي خبر پوي ٿي، جنهن کي پڙهي محسُوس ڪري سگهجي ٿو تہ دنيا ۾ ڪُجھ بہ بدليو ناهي. دنيا ۾ اڄ بہ محڪُوميت ۽ مظلُوميت موجُود آهي. اڄ بہ استحصالي قوتون پنهنجي ڌنڌي سان لڳل آهن، اڄ بہ راتاها لڳن ٿا، اڄ بہ انسانن سان عشق ڪرڻ کي عبرت جو نشانو بڻايو پيو وڃي:

حملو (نظم)

”وقت شب خون هڻي تيره شبيءَ جو خنجر
دهر جي سينئہِ بيدار ۾ قبضي تائين
حسبِ معمُول هنيو صرف ڪري سڀ طاقت
روئي ۽ چُپ ٿي وئي گنبدِ مسجد ۾ اذان
مورتي ٻُڌ جي ميوزيم ۾ هُئي اُونڌي منهن
بانسري ٽڪرا هُئي، چُپ هُئا نوحا نغما
زهر کي پي ويو يونان جو ڏاهو انسان
هڪڙي مريم اچي دروازهءِ گرجا جي اڳيان
گند ڪچري ۾ ڇڏي ويئي حرامي ٻالڪ
شهر جي لاش تان پَٽجي وئي ڪاري چادر
۽ وَڪوڙي وئي هر روح کي تاريڪيِ قبر
هر طرف ڪاهي پيا درد ۽ تنهائيءَ جا ديو
۽ گهٽين کي ائين ويساهہ وسوڙل سمجهي
آيا ويرانيءَ جا ڏاڙيل ۽ خاموشيءَ جا چور“(٩)

هن ئي مجمُوعي ’امداد آهي رول‘ ۾ هڪڙو نظم ’ٽياس‘ نالي ڇپيل آهي، جيڪو پڻ عالَمگيريت جا اُهڃاڻ ۽ احساس رکندڙ آهي. هن نظم جو عنوان اذيت جو استعارو آهي. هڪ وسيع ۽ ديرپا درد ڏيندڙ لفظ ’ٽياس‘، جيڪو پڙهڻ يا ٻُڌڻ سان





قاريءَ کي ڪَرب ۾ مُبتلا ڪري ٿو ڇڏي، جتان نڪرڻ ۽ نجات ماڻڻ لاءِ انهن مَت جي مُوڙهل ماڻهن تي طنز ڪري ٿو، روڪ ٽوڪ ڪري ٿو، جيڪي هر آيل حادثي ۽ هاڃي کي قدرت جو قهر ڪوٺين ٿا. ظالم لاءِ زبان مان اکر نہ ٿا اُڪارين، هو دنيا ۾ ٿيندڙ دهشتگردي، ڪوس گهر بڻجي ويل اسپتالون، جن جا جلاد جهڙا مسيحا دوا بدران درد ڏين ٿا. عبادت گاهن ۾ گناهہ پلجن ٿا. ماءُ پيءُ اڳيان چچريل اُرهہ ڪپيل لاش، پاڻ سان ٿيل گهات جا گهاءَ ڏيکارن ٿا. امداد حُسيني اهڙي اذيت ناڪ جيون کي عالَمي بي رحميءَ هٿان تباهہ ٿيل ويٽنام سان ڀيٽي اهڙي زيست کان ٿي پناهہ گهُري، دنيا ۾ امن جي خود ساختي چيمپين تي چٿر ڪري ٿو. هيءُ نظم مقاميت کان بين الاقواميت تائين پهچي، نئين سج جيان نئون فڪر (نور) ڪٽي ظاهر ٿئي ٿو. نظم ’ٽياس‘ هتي ڏجي ٿو.

”اَلاَمان! هيءَ زندگي، هي ويٽنام
اسپتالون ڪوس گهر، گِرجا گناهن جا اڏا
آپريشن روم ۾ جلاد چهرن تي نقاب
ابن مريم جي اڳيان
پيٽ ڦاٽل، ٽڻ وڍيل، چيريل ڇڏا
هي روس، انگلينڊ، آمريڪا
هي ايشيا، هي آفريقا
هر گهٽيءَ ۾ چونڪ تي هي قتل عام
الله اڪبر! هي خُدا جو انتقام
الامان! هي زندگي، هي ويٽنام“(١٠)

امداد حُسيني سنڌ جو اُهو انقلابي شاعر آهي، جنهن پنهنجي تخليقن ذريعي نہ رڳو سنڌ ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ، اَنياءَ ۽ جهالت جي خلاف جهيڙيو آهي، پر سنڌ کان ٻاهر سڄي دنيا ۾ ٿيندڙ دهشتگردي، گهرو ويڙهہ، جهالت، وسيلن جي ڦُر لُٽ، قبضي گيري، مفاد گيريءَ جو شڪار ٿيل مُلڪن جي متاثر ماڻهن تائين سُجاڳيءَ جو سَڏ پهچايو آهي. هن اهڙي اذيت ناڪ موڙ تي ڪين اڪيلو، نڌڻڪو ناهي ڇڏيو، بلڪِ پنهنجي انسان دوست شاعريءَ ذريعي مسيحائي ڪئي اٿائين ۽ سندن پرجهلو ٿي ڏيکاريائين، تہ جيئن دنيا جا محڪُوم ۽ مظلوم وقت جي مڪارن، عيارن، صيادن ۽ جلادن جو گهيراءُ ڪرڻ جو شعور ۽ همٿ پيدا ڪري سگهن، جن انهن جون ڪَليُن

جهڙيون عصمتون لُٽيون، معصُوم بُلبُلن جو گلو گهُٽيو. معصُوم ۽ پوِتر مُرڪ رکندڙ ٻالڪن کي رُئاڙيو، سندن نسلن جا سِر وڍيا. امداد جو ڏنل شعُور، هنن جي همت (خوشبوءِ) آهي. يقيني خوشبوءِ اهو باغي شعور آهي سرمست ۽ آوارا، جيڪو هر دور ۾ جنم وٺي ايندو. هتي باغي روح جي علامت ’خوشبو‘ وارو نظم ڏيون ٿا، جيڪو دنيا ۾ طاقتور ملڪن جي نشاندهي ڪري ٿو. هيءُ نظم ڪنهن به مقرر ماڳ مڪان، وقت، حالتن، ڪنهن خاص معاملي يا هٽ جي ڪڍيل لڪيرن کان بالا تر آهي. هن نظم ۾ به عالَمگير سچايون ۽ حقيقتون سامهون اچن ٿيون. بد نصيب ۽ پنهنجن توڙي پراون هٿان لٽجندڙ ڦرجندڙ ديسين جو نظارو سنڌ ديس جهڙو ئي ٿئي ٿو. جيڪا ڪُجهه سماجي اُجاڙ امداد حُسينيءَ پنهنجي نظم ۾ ڏيکاري آهي، اهڙي ڏِک دنيا جا ٻيا به مُلڪ ڏين ٿا. امداد جا نظم اهڙي بي باڪ جُرئت ڪن ٿا: ”هُن جي لِڱاءَ، هُڳاءَ، سياءَ ۽ قلم ۾ اها فقيري نظر ايندي آهي، جيڪا فرعون ۽ نمرود جي ڳِلي ۾ هٿ وجهندي آهي.“[١١]

هن نظم ۾ فن ۽ مقصد پنهنجي جوبن تي رَسندي نظر اچي ٿو. هتي خوشبوءَ جيان ذهن کي معطر ڪري، شعور جي آجيان ڪندڙ نظم ڏجي ٿو:

خوشبوءِ
اي مڪارو
اي عَيارو!
ڪَلين جون عصمتون لُٽيو
وري بُلبُلن جي نغمن جو گلو گهُٽيو
وري معصُوم ۽ پياري تبسم کي رُئاڙيو
وري اهلِ چَمن تي ڪيترا الزام
بي بُنياد ڪُوڙيون تهمتون آهن
انهن جي مُرڪ ئي آهي وڏو جُرم
اوهين سوچ جي آڏو بيهي رهو ديوار بڻجي
اي صيادو
اي جلادو!
گُلن جا سر وڍيو، رنگن جي سينن ۾ هٽو خنجر





اڙي خوشبوءِ کي روڪيو
ڪيئن نه ڦٽڪي مُٺ جي زندان مان وٺي نڪري
اوهين ڏسندا ئي رهجي ويو
۽ هاڻي
اوهان جي خوب سينگاريل سجايل
دڪانن تي ٿلهن رنگين شيشن جون قطارون
اوهان جي سازشِ ناڪام تي طعنا زني ڪن ٿيون
اها سرمست آوارا ۽ بي پرواهه خوشبوءِ
هر جنم ۾ پٽڪندي رهندي
نوان سقراط ايندا
سدائين زهر جا پيالا
ائين ئي ڇلڪندا رهندا
صليبن تي سدا رهنديون بهارون
ڪڏهن دارورسن بيواهه نه ٿيندا
اها سرمست آوارا
۽ بي پرواهه خوشبو
هر جنم ۾ پٽڪندي رهندي![١٢]

امداد جو هڪڙو نظم بعنوان ’روم شهر ۾‘ به عالمي توجهه جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو. جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪنهن به فورم تي پيش ڪجي ته، امداد حُسينيءَ جو هيءُ نظم، رومن ايمپائر اندر تخت نشينيءَ جي نشي ۾ ويڙهيل گهرو افراتفريءَ کي پڙهندڙ آڏو پيش ڪري ٿو. هيءُ قصو اسان جهڙن اقتداري حوَس جي شڪار ماڻهن جي مُلڪ جهڙو لڳي ٿو. ماضيءَ ۾ جنرل ضياءُ چُونڊيل عوامي نمائندي کي قتل ڪرائي، ١١ سال تخت نشين ٿيو. ائين بروٽس رومن جنرل به رومن ايمپائر کي قتل ڪرايو هو. هيءُ نظم عالَمي تاريخ جي جهروڪي ۾ جهاتي پارائي ٿو. آفاقي شاعريءَ جون اهي ئي گهُرجون آهن ته شاعر انساني قدرن جو پاسدار هُجي. غلط کي غلط، صحيح کي صحيح چوي. ظلم ظلم آهي. توڙي جو هِن قصي جو تعلق، امداد حُسينيءَ جي ماتر ڀوميءَ سان نه آهي، تنهن هُوندي به هي دنيا ۾ ٿيندڙ تاريخي راتاهي

۽ رهزنيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. انٽونيءَ ۽ ڪليوپيٽرا جي معاشقي ۽ خود ڪشيءَ جي ڪهاڻيءَ کي ورجايو ويو آهي. هن نظم ۾ تلميح صفت جو استعمال ڪيو ويو آهي. نموني طور نظم پيش ڪجي ٿو.

روم شهر ۾
روم شهر ۾
تو وٽ اهڙي ڪهڙي شيءِ هُئي
جنهن کي تون انمول چوين ها
ڪهڙي سيزر جو چوغو هو
جنهن کي رنگ رتول چوين ها

ڪهڙي انٽونيءَ جو سپنو
تو وٽ هو جو مان ڪرين ها
ڪهڙي ڪليو پترا جو سپنو
آڇين ها، احسان ڪرين ها

تنهنجي سيني شوڪيسن ۾
هو نه بروٽس جو خنجر هو.
پوءِ به تنهنجي هَٽ تي هجُوم
ماڻهو ماڻهو ڄڻ سيزر هو
روم شهر ۾
روم شهر ۾ (۱۳)

دنيا جون سيئي غلام قومون عالمي آکهه جي دائري ۾ شامل ٿين ٿيون. سندن سُور به ساڳيا آهن. ڪنهن ڏاڍي قوم جي زير دست آيل غلام قومن جا سيئي مرد، عورتون، ٻار، ٻُڍا آڇيي ۽ انقلابن جي اُميدن جا ڏِيئا ٻاري، سُک سلامتيءَ جا سُندر سَپنا، اکين ۾ سُرمي جيئان پائي جيئندا آهن. امداد حُسينيءَ جو هِتي پيش ڪيل شعر/ سُخن، جيڪو شعور ڏئي ٿو، اُن جي فڪري وُسعت مُلڪي سرحدون ٽپي، ان ڏکويل ماتريءَ جي هر رنجيده ماءُ کي پنهنجي تخليقي ڀاڪُر ۾ ڀري ٿي، جيڪا ممتا





قبضي هيٺ آيل پنهنجي ڀُونءِ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، جگر جي ٽڪري کي به چتا تي چاڙهڻ کان گهٻرائي نه ٿي. اُلٽو ڪيس نئين قسم جي لولي ٻُڌائي وطن تان نثار ٿيڻ جي نينڊ ڏئي، ابدي ننڊ سُمهارڻ کان به نه ٿي گهٻرائي. وطن تان قربان ٿيڻ ئي دراصل جڳن تائين زنده رهڻ آهي. امداد حُسينيءَ جو هيئنيون شعر آفاقي آهي، جنهن ۾ مقاميت سان گڏ بين الاقواميت وارو مڪمل رنگ ۽ شعور ملي ٿو. هيءُ فڪر، هر ديس جو پنهنجو ذاتي فڪر آهي. اهو ئي سبب آهي جو ”هُن جي شاعريءَ مان ديس ديس جو درد ٿو ٻِڪي ته ساري ڌرتيءَ جو ڏُک به. امداد جو ديس ساري ڌرتي آهي، پر سنڌ هُن جي جند آهي.“(۱۴)

اسان انهيءَ شعر جو عالَمي ٻولي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جنهن کي دنيا جا اربين ماڻهو سمجهي سگهندا، پر پنهنجائپ انهن ماڻهن کي ايندي، جيڪي ماڻهو محڪُوم قومن ۾ شمار ٿيندا هُوندا. هن شعر کي فلسطيني به پنهنجو ترجمان سمجهندا ته عراقي، ايراني، ڪشميري ۽ ٻيون غلام ۽ گهرو دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل قومون به سيني سان لائينديون، جن کي عالَمي قوتن نئين طريقي سان غلاميءَ جا گهاءَ ڏيڻ شروع ڪيا آهن. پنهنجي ئي مُلڪ ۾ قرض ۽ ٻين سياسي حالتن سبب غلام بڻايل قومون به دنيا جي هن گولي تي گهمن ڦرن ٿيون، بظاهر آزاد، پر ذهني طور غلام. هتي نئين لولي انگريزيءَ ۾ ترجمي سميت ڏجي ٿي.

نئين لولي
منهنجا ٻچڙا جُڳ جُڳ جيءُ،
کير جي عيوض ڳوڙها پيءُ،
مانيءَ بدلي گولي کاءُ،
تو تان صدقي تنهنجي ماءُ.(۱۵)

New Lullaby
May you live long my son,
Drink tears, instead of milk,
Take in bullet, instead of meal,
May your mother Die instead of you.

آخر ہم

آخر ہم ایک بچے کو

آخر ہم ایک پھول سے بچے کو

آخر ہم ایک فلسطینی پھول سے بچے کو

آخر ہم ٹینک سے کُچلے ہوئے ایک فلسطینی پھول سے بچے کو

آخر ہم اسرائیلی ٹینک سے کچلے ہوئے ایک فلسطینی پھول سے بچے کو لفظوں میں کیسے لکھ سکتے ہیں۔(١٦)

جيڪو شاعر عالمگيريت جي اعزاز يا عظمت جي خواهش رکڻ چاهي ٿو، تنهن کي گهرجي تہ پنهنجي ڏنل فڪر ۾ انساني فطرت ۽ سندس روين کي اهميت ڏئي. پوءِ ڏسو دنيا ڪيس ڪيتري موٽ ڏئي ٿي. ”امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ اهو رس ۽ چس، جذبو ۽ جولان، سمجهہ ۽ سُرت، جُرئت ۽ سرمستي، اُتساهُ ۽ ولولو آهي، جيڪو اسان جي اعليٰ درجي جي انقلابي، عوامي، وطن دوست، ادب، فن ۽ شعر جي سُڃاڻپ آهي.“(١٧)

امداد جو 'آخر هم' نظم سندس اعليٰ سمجهہ، سُهڻي سُرت، جوان جذبي ۽ جولان جو نتيجو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي اُتساهي، منجهس ولولو پيدا ڪري ٿو. هن ۾ امداد حُسينيءَ جي حساسيت محسُوس ڪرڻ وٽان آهي، جنهن ۾ مظلوم دوستيءَ جو هُن اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي. هن نظم ۾ هُن طرفان فلسطين جي هر اُن ماءُ سان عذر خواهي ڪيل آهي، جنهن جي جگر جو ٽڪرو دشمن جي ٽينڪن هيٺان چيپاڻجي مُئو آهي. امداد دنيا جي اُنهن سيني والدين کي آٿت ڏني آهي، جن کي دلجاءِ جي ضرورت آهي. هيءُ نظم، حساس دل ۾ آهستي آهستي سوچ جو خنجر ٻڏجي، هيٺ تائين لهندو ٿو وڃي. پڙهندڙن کي شاعريءَ جو ڪارج معلُوم ڪرڻو آهي، تہ امداد حُسينيءَ جو هيءُ نظم پڙهڻ ڪپين. هن نظم جي پُڄاڻي لِڱ ڪانداريندڙ آهي. اگر ڪوئي پنهنجي محسُوسات ۾ آڻي، تہ پٿر دل بہ پاڻي ٿي ويندو. وڏي يا عظيم شاعر جي هڪڙي خوبي اها بہ هُوندي آهي، تہ سندس اکيون عالَم تائين رَسائي حاصل ڪن. سندس ذهن ۽ ضمير، دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ تائين ٿيندڙ هاڃن، حادثن، جبر ۽ ڦُرلُٽ تي سوچي، ڪا راءِ جوڙي ۽ مظلوم جو ساٿ ڏئي. امداد حُسيني بہ انسان دوست شاعر آهي ۽ هُن بہ پنهنجي تخليقن ۾ عالَمي فڪر ۽ شعور وارا ڪيترا ئي مثال ڇڏيا آهن. ان ڏس ۾ امداد حُسينيءَ جو هڪڙو عالَم دوست نظم 'بغداد- تهران' اعليٰ انساني عالَمي شعور





ڏيندڙ آهي. هن نظم ۾ هُن اولهندن ڌاڙيلن جي انهن سازشن کي بي نقاب ڪيو آهي، جيڪي سُڪارن مُلڪن اندر ڪٿي مذهبي تفريق ڪرائي، ڪٿي لِساني، ڪٿي رنگ نسل جي اُوچ نيچ کي بُنياد بڻائي، مُلڪن کي ويڙهائي، پنهنجا مقصد پُورا ڪندا آهن. هڪ ٻئي سان (سعودي _ ايران وانگر) ويڙهائي پنهنجا هٿيار وِڪرو ڪرائي، دنيا ۾ طاقت جو توازن پاڻ وٽ رکي، عالَم کي اذيت پهچائي رهيا آهن. امداد حُسيني صاحب انسان دوست شاعر هُئڻ ناتي، ايران ۽ عراق کي پنهنجون ٻئي اکيون جسم ۽ جان ٿو سمجهي. هيءُ نظم سندس اُردو شعري مجمُوعي 'دهوپ کرن' ۾ بہ اُردو ٻوليءَ ۾ ساڳي سگهہ ۽ سُونهن سان پڙهي سگهجي ٿو.

بغداد _ تهران (نظم)

هڪڙي اک ايران آ ۽ ٻي اک عراق،

ٻئي اُجهائڻ ٿو گهُري، اولهہ جو قزاق،

هُو جي منهنجو جسم آ، هي آ منهنجي جان،

بم ڪِريو بغداد تي، رتو رت ايران،

ارجنٽائين ۽ چِلي، گرنيڊا، لَبنان،

انسانن جي ئي هٿان، ڪُسجي پيو انسان،

گهٽيون لاشن سان سَٽيل، شهر ٿيا شمشان،

بم گولي بارُود جو، کهڙو دين ايمان! (١٨)

هُو ارجنٽينا، چلي، گرنيڊا ۽ مها ڏاهي خليل جَبران جي ديس لَبنان (مرڪزي شهر بيروت) جي تباهيءَ تي/ انسان ڪُش ڪاررواين تي نوحا ڪنان آهي. امداد جو هيءُ نظم عالمي ڏک جو ترانو آهي، جيڪو پڙهندو، پُڙندو يقيناً سوچن ۾ گُم ٿي روحاني طور بہ ڳوڙها ضرور ڳاڙيندو. امداد حُسينيءَ بم بارود جي ڪنهن بہ دين ڌرم سان لاتعلقي ڏيکاري، ظلم جو ڪارڻ بہ انسان کي ڏيکاريو آهي. هيءُ نظم امداد جو دنيا جي انسان دوست، غريب دوست ۽ مظلوم دوست ماڻهوءَ طور تعارف ڪرائي ٿو: چو جو ”امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جا مُکيہ موضوع ڌرتي، عوام، قوم، پورهيت، پيار، ملنساري، عوام جا ڏک ۽ تڪليفون، اهنج ايذاءَ آهن. هُو انسانيت دوست شاعر آهي.“ (١٩)

امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جو تخليقي ۽ جمالياتي جهان گهڻو خوب صُورت

۽ فڪري ثمرات سان ڀريل آهي. هن جي شاعريءَ پڙهندڙن جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ورتي آهي ۽ ڪيترين پويون پيڙهيون سندس فن فڪر جون فين رهنديون. سندس وسيع مطالعي، گهري مشاهدي ۽ شاهڪار تخليقن ڪيس اعليٰ، عظيم ۽ صدين تائين عوام جي دلين ۾ ڌڙڪندڙ شاعر طور سُڃاڻپ ڏني آهي. ڏنو وجي ته: ”ليجنڊ شاعرن جي ڪلاسڪ ايپروچ ٿئي ٿي. انهن جا احساس عالمگير ٿين ٿا. انهن جي تخلين ۾ پورٽتا نظر اچي ٿي. ٻُڌندڙ شاعر جي احساس کي پنهنجو احساس سمجهندي، اُن جو اثر قبُول ڪري ٿو.“(٢٠)

انهيءَ تناظر ۾ ڏنو وڃي ته امداد حُسيني مُڪمل شاعر آهي، جنهن جو شعر سُخن آفاقيت حاصل ڪري چُڪو آهي. ان ڏس ۾ امداد حُسينيءَ جي هڪڙي خوبصُورت وائيءَ جا ڪُجھ بند ڏجن ٿا، جن ۾ امداد حُسينيءَ مٽيءَ جي عظمت بيان ڪئي آهي. هُو سنڌ کي ڪانگوءَ سان ڀيٽي، ٻنهي ديسن اندر ٿيندڙ خانا جنگي ۽ مغربي قزاقن هٿان ڪرايل خون ريزيءَ ڌانهن توجھ ڇڪرائي ٿو.

هن سُورن ماريل سنڌ ۽ ڪانگو جي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان عذر خواهي ڪرائي آهي. ٻئي مُلڪ گهرو ويڙھ جي اوٽ ۾ ٿيندڙ وسيلن جي ڦُر لُٽ جا شڪار مُلڪ آهن. هن وائيءَ جي هيءَ سٽ ’ڏاڍو سو ڳابو آهي، سنڌ هُجي يا ڪانگو ڙي!‘ ايئن ٿي لڳي، امداد جي فڪر ڄڻ عالَمي دماغن کي فتح ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪئي هُجي. هِتي هُن جي فڪر ۽ شعور جا رنگ ريٽا آهن، ۽ ريٽو رنگ انقلاب جي علامت هُوندو آهي. سنڌي چوڻيءَ جو عالمي فڪر ۾ تضمين ۽ تلميح جو استعمال امداد کي عالَمگيريت عطا ڪري ٿو. مٽي جيڪا مقدس آهي، ٻي مُلهي آهي، مٽي آهي ته ماڻهوءَ جو وجُود / هستي آهي. جيئري انسان مٽيءَ مٿان هُوندو آهي، مرڻ پُڄاڻان مَٽين مٽيءَ هيٺ، مِٽي پيرن هيٺان ٻه هُوندي آهي، اگر اها مٽي پيرن هيٺان کِسڪندي وڃي ته پوءِ قوم، قوم نه رهندي. هتي انهيءَ وائيءَ جا ٻه بند پيش ڪجن ٿا.

مِٽي مُلھ مهانگو ڙي!
سارو سانگ سهانگو، مِٽيءَ مُلھ مهانگو ڙي!
گهر تڙ گهوري نڪرو ٻاهر، ڪهڙو سِر جو سانگو ڙي،
مٽي مُلھ مهانگو ڙي!
ڏاڍو سو ئي ڳابو آهي، سنڌ هُجي يا ڪانگو ڙي،





مٽيءَ مُلھ مهانگو ڙي!(٢١)

پنهنجي سماج يا عالَمي سماج ۾ ٿيندڙ ڪا ٻه گهٽنا، حادثو، واقعو هر ماڻهوءَ کي پاڻ ڌانهن متوجھ ڪري وِجهندو آهي ۽ سندس محسُوسات مان ڪُجھ نه ڪُجھ ردعمل (Reaction) ٿيندو آهي. انهيءَ لقاءَ يا الَميي تي هو ڪا دانهن، ڪائي رڙ، هاءِ گهوڙا ضرور ڪندو آهي؛ پر اهڙي حادثي جو جيتري سگهاري نمُوني کو تخليق ڪار React ڪندو آهي، اهڙو Reaction ڏيڻ ٻئي جي وَس جي ڳالھ نه آهي، چا ڪاڻ ته: ”تخليق جو هڪ عمل اهو ٻه آهي ته شاعر جڏهن ڪنهن خارجي واقعي کان متاثر ٿئي ٿو، تڏهن اوستائين اُن جي ردِ عمل جو اظهار ڪونه ٿو ڪري، جيستائين اُن جي داخلي محسُوسات ۾ ولوَلو نه ٿو پيدا ٿئي. امداد وٽ ٻه خارجي واقعي جو اثر ملي ٿو، مگر هُن جي تخليقن ۾ ايترو زور آهي، جو پڙهندڙ ائين محسُوس ڪري ٿو، ڄڻ واقعي جي ٿيڻ سان حساس شاعر ڪُرِي ٿو پوي ۽ فوري طور اُن جو ايڏو گهرو اظهار ڪري ٿو، جو پنهنجي ورتل اثر کان ٻين کي ٻه اوترو ئي متاثر ڪري ٿو.“(٢٢)

امداد حُسينيءَ ڏکڻ آفريقا جي شاعر بينجامن مولائيز کي ڏنل ڦاسيءَ واري واقعي تي جيڪو ردِ عمل ڏنو، اُهي محاڪات ڪهڙي نمُوني محسُوس ڪرايا آهن، سارو نظم اوهان جي جذبن کي شروع کان آخر تائين آپاريندو رهي ٿو، جنهن جي ابتدا بظاهر ته نظر نه ايندڙ آهي، پر اها شاعر محسُوس ڪري ٿو ته ڪيئن ڦاسيءَ کان اڳ ڪيس قسمين قسمين اذيتون ڏئي، پوءِ ماريو ويو هو. هڪ گيت ڪار، جيڪو فقط پکين جهڙيون سُريليون لاتيون لنوَڻ ڄاڻي، جيڪو غُلاميءَ کي گار سمجهندو هُجي ۽ آزاديءَ آجپي جو طلب گار هُجي، جنهن جا گيت فطرت جا ترجمان هُجن ۽ هوائن جيان گهُلندا رهندا هُئا. هن نظم جو ڪلائميڪس ۽ ابتدا گهڻو گهرو فڪر ۽ ڌيان لهڻن. آخري سِٽ ’سندس گيت ماري نه سگهندا‘ اُميد جي ڪِرڻي جهڙي آهي.

”ان ۾ ڪو ٻه شڪ ناهي ته امداد حُسيني ڪائناتي ذهن رکندڙ شاعر آهي، جنهن رنگ نسل جي نفي ڪري پنهنجي تخليقن ۾ ماڻهوءَ، ماڻهپي ۽ ڌرتيءَ جي تقدس جا دائمي قدر ڀريا آهن.“(٢٣)

گيت ماري نه سگهندا
(ڏکڻ آفريقا جي شاعر مولائيز جي ياد ۾)
۽ توهان هن کي ماري ڇڏيو،

جنهن جا گيت،
هوائن جا لهرا هُئا،
۽ ساگر کان گهرا هُئا.
اهو جنهن پره جي پکين جيئن لاتيون لنوَن ٿيون،
انهيءَ تي ٿي پهرا هُئا.
ريک سرجڻ جي جنهن جي هٿ ۾ هُئي،
انهن ٿي هٿن ۾ هيون هٿ ڪڙيون.
اُهو جنهن غُلاميءَ جو ڳٽ،
ڳچيءَ مان پٽي، لاهي اُڇلي ڇڏڻ ٿي گهُريو،
اُنهيءَ جي ڳچيءَ ۾ رَسو هو.
۽ توهان هن کي ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيو،
پر هوائن کي ڦاهيءَ تي چاڙهي نہ سگهندا،
سندس گيت ماري نہ سگهندا! (٢٣)

امداد دنيا جي ڏکن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي. هُو فلسطيني ٻار جي Tankهيٺان ڪُچلجي مرڻ واري ڪَرب کي محسُوس ڪري ٿو. هُو رومن شهنشاهه جي فوجي جنرل هٿان مارجڻ کي محسُوس ڪري ٿو. هُو عالَم جي انسانن سان پيار ڪندڙ آهي. ساري عالَم جو سڄڻ آهي. اخلاقي مدد (Support) ڪندڙ آهي. سڀ ڪنهن جي دلجوئي ڪري ٿو. پَرائي پيڙا کي پاڻ محسُوس ڪري ڳوڙها ڳاڙي ٿو ۽ اهڙين ئي اعليٰ خصلتن ۽ احساسن سبب "بين الاقوامي سطح تي ٿيندڙ هاڃن ۽ ظلمن کان پاڻ پري نہ ٿو رهي سگهي. هن جو شعور ڪيس ان گيس چيمبر تائين وٺي وڃي ٿو، جتي هڪڙي ٻٽڻ دٻائڻ سان هزارين جانيون ناس ٿي وڃن ٿيون."(٢٥)

امداد حُسينيءَ جو نظم 'گيس چيمبر' دنيا ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڏهڪاءُ ڦهلائيندڙ تاريخ جو عڪاس آهي، جنهن ۾ هيرو شيما ۽ ناگا ساڪيءَ تي ڪيرايل ايٽم بم يا بيروت تي برسايل بم هُجي يا تازو ايراني عسڪري ڪمانڊر قاسم سُليمانيءَ کي سنگت سميت ڊرون حملي ذريعي مارڻ دوران ٿيل نسل ڪشي هُجي يا ايران پاران غفلت جو ڀرپُور مظاهرو ڪندي، يوڪرين جو مسافر جهاز ڏهن سيڪنڊن ۾ ڇَٽ ڪرڻ هُجي، جنهن ۾ پوڻا ٻہ سئو ماڻهو مري ويا. امداد حُسيني پنهنجي دور ۾ ان





کان بہ اڳ ۾ ٿيل انساني قتل و غارت گريءَ تي گِريو ڪندي، هِن قسم جا نظم لکي ٿو، جيڪي نير بجاءِ ڳاڙهي رَت مان ٻوڙي لکيا پوَنس ٿا. امداد جا هِن قسم جا نظم هر دور جا عڪاس هُوندا، جيستائين دنيا ۾ اولهه جي غُنڊن جو راڄ هُوندو.

امداد جو شعور ڪيس لکڻ لاءِ اُتساهي ٿو، نہ ڪي حالتن کان مُنهن موڙي، ڪُنڊائتو ٿي ويهڻ لاءِ چويس ٿو. "امداد پنهنجي هن نظم ۾ سمُوري انسان ذات جي وناش ۽ تباهيءَ تي پنهنجي پيڙا ۽ درد کي بيان ڪرڻ لاءِ سمُوري دنيا ۾ حيلن بهانن سان تباهي پکيڙيندڙ / ساڙيندڙ / ٻاريندڙ / ماريندڙ شين پيٽرول، لائيٽ، بارود، ٽائيمر بم ۽ باهه جي اُهڃاڻن کي استعمال ڪندي، گڏيل قومن جي ناڪاميءَ تي، دنيا جي امن جي تباهيءَ تي، گڏيل قومن جي دو رنگي روپ کي ائين چٽي ريتي ٿو تہ:

نشان يو اين او جو ڳيرو نہ آهي،
ڳجهه آهي."(٢٦)

هِن نظم ۾ امداد حُسينيءَ گڏيل قومن جي اداري، (جيڪو انساني حقن جو علَم بردار سڏجي ٿو) جي چهري کي بي نقاب ڪيو آهي: جيڪو وجُود ۾ اچڻ کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين دنيا جي ظالم ملڪن جي ونگار وهي رهيو آهي. هُو عالَمي وڏيرن جو ڇڙ واٽو هُجي، جيڪو لُبنان، فلسطين، ڪانگو، سنڌ، عراق، ايران وغيره ۾ ٿيندڙ فسادن جي تهه تائين پهچڻ ئي نہ ٿو چاهي. ظاهري طور ڳيرو (Dove)امن جي نشانيءَ طور متعارف ڪرائي، هُو ڳجهه جهڙو ڪردار ادا پيو ڪري ۽ مظلوم مُلڪن جو ماس پيو ٻين کي کارائي. گڏيل قومن جو پڌر نامو ڊونگ آهي، بکواس آهي. يو اين او جا نظريا ۽ اصُول سڀ جا سڀ ڊونڊ آهن، گند آهن. مُئل جانور مِثل آهن. هيٺ نظم 'گيس چيمبر' انگريزي ترجمي سميت ڏجي ٿو.

گئس چئمبر!
حيات آهي يا گئس چئمبر
ٻٽڻ دٻائڻ جي دير آهي
رَڳن اندر پيٽرول جو وهڪرو
رڳو لائٽر جلائڻ جي دير آهي
هَڏن اندر مِکُ ناهہ، باروت آهہ
تيلي رڳو دُکائڻ جي دير آهي

۽ سيني ۾ دل جي هنڌ ٽائيم بم
رکيل
ٽِڪ
ٽِڪ
ٽِڪ
ٽِڪ
انهيءَ صدا کان سواءِ سڀ آواز
بينڪ، اسٽرانگ روم ۾ گم
نشان يو. اين. او جو ڳيرو نہ آهِ
ڳِجهہ آهِ
نظَريا
آدرش
سمُورا ئي ڍوند آهن! (٢٧)

Gass Chamber!
Is it life or gas chamber,
Only need to push button,
Flow of petrol in veins
Only need to lit the lighter
The bones are filled with ammunition not
Only need to lit a match stick
There is time bomb in plcee of heart
Ticking
Ticking
Ticking
Ticking
Save this cry, all sounds are locked
In bank vaults
The emblem of UNO is not dove but vulture
Ideals
Principles
All are a carcass.

هاڻي ذڪر ڪجي ٿو امداد حُسينيءَ جي هڪڙي خوب صُورت، پُر اُميد، سُندر سپنن جهڙي حُسن و فن رکندڙ نظم جو، جنهن ۾ دنيا جي آسُودگيءَ ۽ آجپي جا ڏيئا هر بند ۾ ٽمڪندي نظر اچن ٿا. هن نظم جو ذڪر زندگيءَ جي بشارت ڏيندڙ





آهي. امداد حُسينيءَ جي هن نظم 'اُماس ڪان پوءِ' ۾ پڻ ڀرپُور بين الاقواميت ملي ٿي. مسجد، مندر توڙي ديول دنيا جهان ۾ آهن. بي روزگاري، بد حالي، بُک، افلاس، رنگ نسل جي اُوچ نيچ، امير غريب، مذهب مسلڪ، ڏاڍي هيٺي وارو چڪر ساري عالَم ۾ پکڙيو پيو آهي. هن نظم جو جنم ڪار امداد حُسيني، جنهن ٻوليءَ ۽ ديس سان واسطو رکي ٿو، اُهو ديس پڻ اُماس ديوَ جي قبضي ۾ آهي؛ پر امداد حُسينيءَ کي سنڌ سان گڏ ساري عالَم جي ڳڻتي آهي. لَبنان، ڪانگو، فلسطين ۽ ٻيا ڪوڙ سارا محڪُوم مجبُور مُلڪ اُماس ۾ وَڪوڙيل آهن. هن نظم ۾ شاعر اُوندهہ ۽ ياس جي باوجُود Optimistic نظر اچي ٿو. نظم ۾ نئين صُبح جي نويد ڏئي ٿو. هر بند نئين ڪهاڻي، قصو بيان ڪري ٿو، جيڪو عالَم جي آجپي، خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جي نقشي ۾ تبديل ٿيندي ڏسي سگهجي ٿو، جنهن ۾ تخيل جو جمال من کي موهي ٿو.

امداد انڌيرن پُٺيان اُجالن واري ڳالهہ ڪري ڄڻ ڏُکن پُٺيان سُکن کي نشانبر ڪيو آهي. هر شئي پنهنجيءَ جاءِ تي اچي ويندي. پکي مِٽي لات لنوَندا. صُبح سواگت جا گيت ڳائيندو، علم جو دور هوندو، سڀئي چهرا گلابن جيان ٽڙي پوَندا. سماج سُجاڳ ۽ سمجهہ ڀريو ٿي پوَندو، انساني فهم (Service of man kind) ۾ يقين رکندڙ هر مذهب جون عبادت گاهون انساني فلاح بهبُود جون ٻانگون ٻُڌائينديون، هر سُو حُسن جي هُبڪار ئي هُبڪار ٿي ويندي. ماڻهوءَ جو مان شان مٿانهون ٿي ايندو.

اُماس ڪان پوءِ (نظم)
اُماس آهي تہ پوءِ ڇاهي
اُماس ڪان پوءِ صُبح آهي
انهن انڌيرن پُٺيان سويرا
ڪنيو اچن پرِهہ جا تہ پيرا
پکي مِٽي لَات ڄاڻ لَنوَندا
۽ سج سواگت جا گيت ڳائيندو
۽ مندرن منجهہ سنک وَڄندا
۽ ديولن منجهہ گهنڊ گُڙندا
۽ مسجدن ۾ اذان ايندي
۽ رات جي نيٺ مات ٿيندي

۽ هوريان هوريان ڪري پوءِ
سُڄاڳ ٿيندي سڄي سِرشتي
ٽَليُون ٻَرِين ڇيلڙن جون وَڄنديون
۽ نينگريون تن جي ڪَڍ پَڄنديون
۽ ڳاٽ سُورج مُکين جا ڪَڄندا
صديُون سُڪل رُوح نيٺ رَڄندا
سين هٿن ۾ ڪتاب هُوندا
تمام چهرا گلاب هُوندا
سُياڻ آ ساپيان جنين جي
اُهي اکين منجهه خواب هُوندا
اُماس آهي تہ پوءِ ڇا آهي
اُماس ڪان پوءِ صُبح آهي! (۲۸)

۱۰ ڊسمبر ۱۹۴۸ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ 'انساني حقن جو عالَمي پڏر نامو' (Universal declaration of the human rights)منظور ڪرڻ ڪان پوءِ دنيا ۾ لاڳو ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ انسانن جي عزت، آجپي، هڪ جهڙن حقن ۽ ڪين قدرت طرفان مليل عقل / ضمير ڪي اهميت ڏني وئي. ائين ڪٿي ڇئجي تہ انساني مت پيد ڪي رد ڪري انساني عظمت ڪي اوليت ڏني وئي. پوءِ چاهي اُهو انسان عام هُجي يا خاص، هاري هُجي يا زميندار، حاڪم هُجي يا محڪوم. امداد حُسينيءَ پنهنجي هڪڙي گيت بعنوان 'ڪو بہ نہ آهي محڪُوم ۽ مجبُور' ۾ عالَمي حقن جي پاسدار اداري عالَمي اختياريءَ (United Nations Organization) جي ئي پڏر نامي جي ڄڻ تصحيح ڪئي آهي. هن نظم ۾ امداد حُسينيءَ جو فڪر همہ گير آهي. هن نظم ۾ امداد حُسينيءَ جي ٻاجهہ جو ٻُڪ ساري عالَم تائين ڦهلجي وڃي ٿو. گيت پڙهي ائين لڳي پيو، ڄڻ قدرت فطرت جي سهڪار سان پاڻ اهو گيت انهن انسانن ڪي سُٽائيندي هُجي، جيڪي انسانن ۾ طبقن جا حامي ۽ محڪُومي ۽ مجبُوريءَ جا قائل آهن. هن گيت جي هيءَ سِٽ 'ڪو بہ نہ آهي محڪُوم ۽ مجبُور' قدرت طرفان مليل انساني مقدر ۾ خوشحالي ۽ آزاديءَ جي علامت آهي.

گڏيل قومن جي اختياريءَ جي انساني حقن جي پڏرنامي جي شق نمبر هڪ ۾





اها ڳالهه واضح ڪيل آهي، جنهن جو حقيقي حُسن، امداد جي ڄاڻايل گيت مان نظر اچي ٿو: "سڀ انسان آزاد، هڪ جهڙو مانُ، عزت ۽ هڪ جهڙا حق وٺي پيدا ٿيا آهن. انهن کي دماغ ۽ ضمير بخشيو ويو آهي ۽ هڪ ٻئي سان ڀائپيءَ واري جذبي سان هلت هلندا."(۲۹)

ڪو بہ نہ آهي محڪُوم ۽ مجبُور
هر ڪو هاري ناري سُکيو، خوش هر ڪو مزدور،
هٿ هٿ ٿيندو، اَڏجي ويندو پنهنجو دلبر ديس،
آڏاٽن تي اُڏجي ويندو، سوسي، لونگي، ڪيس،
ٻانهن جي ٻل سان ئي ٿيندو، ڏک دلين جو دُور،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي، محڪُوم ۽ مجبُور.

هٿ ڇُهي تہ ڦري ٿو ڦيٿو، ڪڏهن نہ ٿيندو جام،
خوشحالي آ پنهنجو مقدر، آزادي انعام،
واڍا، رازا، ڪوري، ڪُنير محنت ۾ مسرور،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي، محڪُوم ۽ مجبُور.

مير، مُهاڻا، سڄيت سياڻا، جهاڳي آيا سمُنڊ،
ماٺهو مرڪيا، چمڪيو آهي اگڻ اگڻ تي چنڊ،
هر ڪو جيءُ پيو ٿو جهومي، هر ڪو چهرو پُر نُور،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي، محڪُوم ۽ مجبُور.(۳۰)

انسان ازل ڪان ماءُ پيٽان آزاد ۽ اڪيلو دنيا ۾ وارد ٿيو آهي. هُو ڪنهن بہ قسم جي پابندين جو پروانو ڪٿي ٻاهر دنيا ۾ نہ آيو آهي. انهيءَ ڪري دنيا جا سيئي آدم زاد آزاد ۽ خود مختيار سوچ، هلت چلت جا مستحق ۽ مالڪ ڇئبا. امداد حُسينيءَ جو هيءُ گيت عالَمي آئيڊيل سماج جوڙڻ جا خواب ڏسي ٿو. هن نظم ۾ آڏاٽن، سوسي، لونگي ۽ ڪيس جي خيال واري مقامي خوشبوءِ ڪي بين الاقواميت بخشي، هڪ نئين سُرهاڻ ۾ تبديل ڪري ٿو، جيڪا جڳ ڪي مهڪائي ٿي. محبت، محنت، خوشحالي، آزادي، واپار وهنوار، مُڪمل آجپو ۽ عزت پريو سماج هن گيت جو اصل جوهر آهي. ڪو بہ ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ٽنگي، ڪو بہ ڪنهن جو قرضي نہ هُجي. هر ڪو پنهنجي محنت

جو ڦل ڪائي، هر گهر ۾ خوشيون، ٺهڪ ۽ جمالا گونجن. هر ڪنهن کي جيئڻ جو حق هُجي. هر طبقي جو ماڻهو مرد عورت سَرها ۽ سُکيا سَتابا هُجن. هاري ناري، ڪمي ڪاسبي محنت ۾ مشغول هُجن.

امداد حُسينيءَ جو هيءُ گيت گڏيل قومن جي اصُولن جي آجيان ڪندي نه نظر اچي ٿو، پر اڄ ڏينهن تائين يو اين او پاڻ ڪڏهن به پنهنجي منشور تي عمل ناهي ڪيو. يو اين او عالَمي طاقتن جي تلوار هيٺان پَلجي رهي آهي. گڏيل قومن جو ادارو پنهنجي مقصد تان هٽي ويو آهي. هُو پنهنجي اکين سان دنيا ۾ ٿيندڙ انساني استحصال، خانا جنگين ۽ ڪمزور مُلڪن جي وسيلن جي ڦُر لُٽ ڏسي به خاموش آهي، جهڙي پِت. اجان به ائين چئجي ته سندن پانهن ٻيلي آهي.

امداد حُسينيءَ هڪڙي نظم بعنوان 'مسجد مندر ڪي خير نهين' ۾ به آفاقيت کي مان ڏنو آهي. طاقت جو توازن هٿ ڪرڻ کان پوءِ بد مست انڌي هاٿيءَ جيان جنهن لاءِ چيو ويندو آهي 'انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.' جڏهن طاقت جي نشي ۾ اچي دنيا ۾ جيڪا تباهي مچائي ٿو، جيڪي گهر، گرُدوارا، مسجدون مندر ڍهرائي ٿو، سو ڳٽيءَ جو باعث بڻيل آهي. اهو سمُورو لقاءُ بيروت، فلسطين، ڪانگو، عراق جهڙن مُلڪن ۾ بخوبي نظر اچي ٿو. ته ڪيئن نه مغربي قزاق دنيا کي پاڻ ۾ ويڙهائي، وسيلا ڦُري لُٽي ويڙها ويران ڪري ڇڏي ٿو. اهڙي عالَمي داداگير کي امداد، بد مست انڌو هاٿي سڏيندي، سندس هٿان ٿيندڙ تباهيءَ جي اڳواٽ خبر ڏئي ٿو.

هاٿي صحيح تاريخ لکڻ وارن جا هٿ ڪَپيا ويندا. ڪير به سچ جو ساٿ نه ڏئي. دنيا جي ئي خبر ناهي، جو انڌي جي هٿ ۾ لٺ اچي وئي آهي. انڌي جي هٿ ۾ لٺ تباهيءَ جي علامت هُوندي آهي. هتي سمُورو نظم پيش ڪجي ٿو:

مسجد مندر کی خیر نہیں!

اندھے کے ہاتھ میں لاٹھی ہے، شیشے کے گھر کی خیر نہیں،
اب فرش اور چھت کی خیر نہیں، دیوار و در کی خیر نہیں۔
اتہاس رچا جن ہاتھوں نے، اُن کو کاٹ دیا جائے گا،
کاغذ کی، قلم کی خیر نہیں، شبد اور اکشر کی خیر نہیں۔
بم گولے کا دین دھرم کیا، بارود جلا دیتا ہے سب،





گردوارے، گرجا گھر کی، مسجد مندر کی خیر نہیں۔[۳۱]

## نتيجو:

هن مقالي ۾ امداد حُسينيءَ جي حوالي طور ڏنل شاعري آفاقيت جو درجو ماڻي ٿي. ان کان علاوه هُن جا ٻيا به ڪافي نظم وقت، حالتن، رنگ نسل، دين ڌرم، پنهنجي پَرائي کان ماوراءِ ٿي سرجيل آهن. هن جي مطالعي ۽ مشاهدي مان جيڪو شعوري سچ اُڀري ٿو، اُن جي روشني ساري عالَم تائين پکڙجي وڃي ٿي. امداد جي شاعريءَ جو مرڪز ۽ محوَر فقط انسان آهي. انسان: جيڪو ڪڏهن محبُوبا، ڪڏهن مارُو، مسڪين، غريب، استحصال جو شڪار فلسطين، ڪشمير، ڪانگو يا بيروت واسي ئي ڇو نه هُجي. هُن جو قلم فقط انسان لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اهو انسان دنيا جي ڪهڙي به ڪُنڊ ۾ پنهنجن پُورن تي ڳوڙها ڳاڙيندو هُجي. امداد جو شعور ڪيس ڳولي لهي ٿو، جو امداد حُسيني همدرد شاعر آهي. امداد جي آفاقي شاعريءَ جو تخليقي آڪاس، عالَمي امن جي علامت ڳيري جيان آزاد آهي، جنهن جي اُڏام پُر امن، پُرڪشش ۽ باوقار زندگيءَ جو حُسن بخشي ٿي. هُن جي شاعريءَ جو جلال، لفظن جو روپ ڌاري، عالَمي استحصالي قوتن ۽ غاصبن مٿان ئي ڪَڙڪي ٿو، جڏهن ته جمال، صُبح جي ٿڌڙي هير بڻجي سنڌ کان ڪانگو، فلسطين، لبنان، عراق ۽ ٻين ڏکن جي تصوير بڻيل، ماڻهن جي بدن تي راحت جو هٿ ڦيري، عالَمي ٻَڌيءَ جو احساس ڏياري ٿو، جيڪي انڌي (گلوبلي غنڊي) جي لَٺ جو شڪار ٿيل مزدور، غريب، محڪُوم، زوريءَ ٻڌايل غُلام قومن جا فرد آهن. امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جا سوين سُندر روپ آهن. هيءُ هڪڙو رنگ هو، جنهن کي آفاقيت چئجي ٿو. امداد جا سمُورا آفاقي شعور رکندڙ شعر، دنيا جي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي، ڪنهن Forum يا Plateform هيٺ پيش ڪجن، ته امداد حُسيني سنڌ جو ئي نه، پر دنيا جي وڏي شاعر طور متعارف ٿيندو، ۽ اها ئي عظيم خوبي آفاقي شاعر ۾ هُوندي آهي، جنهن کان پوءِ اهو شاعر Legendary شخصيت جو اعزاز ماڻي ٿو.

امداد جي آفاقي رنگ واري شاعري، انساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ جي چِٽي پِٽي تصوير آهي، جنهن ۾ گڏيل قومن جي اداري کي آئينو ڏيکاريو ويو آهي ۽ مُلڪي مت ڀيد ظاهر ڪئي وئي آهي. انسانن هٿان ٿيندڙ انساني تذليل کي واڪو ڪيو ويو

آهي. ’ڏاڍو سو گابو‘ (Might is Right) جي اصليت کي عيان ڪيو ويو آهي. بهر حال امداد حُسينيءَ جو شعر ۾ شعُور مقاميت وارو موج پريو مهراڻ پار ڪري، آفاقيت جي اُونهي ۾ وشال سمُوند تائين رَسائي حاصل ڪري چُڪو آهي، يا ڪٿي ائين چئجي ته امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جو تخليقي مقام سنڌ آهي، پر منزل ساري دنيا آهي، ڪائنات آهي، حيات آهي. عالَمِ افروز آهي؛ ته وڏاءُ نه ٿيندو.

## حوالا


1. CUDDON. J.A, `The Dictionary of literary terms & literary theory`, 1992, 3rd Edition, Penguin Books, P. 1015.

۲. مترجم: ابڙو، علي خان، قرآن ڪريم، سُورة البقرة، آيت: ۲۱۳.

۳. انور، جمال، پروفيسر، ’ادبي اصطلاحات‘، نيشنل بک فائونڈيشن، اسلام آباد، ۲۰۰۴ع، ص:۲۸.

۲. جويو، محمّد ابراهيم، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۵ع، ص: ۳۵.

۳. پيرزادو، رحمت، امداد حُسينيءَ متعلق سوال نامي مان ورتل عبارت.

۴. تاج بلوچ کان امداد حُسينيءَ بابت سوال نامي مان ورتل عبارت.

۵. عباسي، تنوير، ’امداد آهي رول‘، بيڪ ٽائيٽل تان ورتل عبارت.

۶. شورو، شوڪت حُسين، امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جو نوحو، ته ماهي تخيل، ص: ۵۴.

۷. حُسيني، امداد، ’امداد آهي رول‘، سنڌ اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۹۶ع، ص: ۵۴ _ ۵۷.

۸. حُسيني، امداد، ’امداد آهي رول‘، سنڌ اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۷۶ع، ص: ۴۳.

۹. ڪُنير، حفيظ، امداد حُسينيءَ بابت رايا، ادب: امداد حُسيني نمبر، ۲۰۰۳ع، ص: ۶۴.

۱۰. حُسيني، امداد، ’امداد آهي رول‘، سنڌ اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۷۶ع، ص: ۸۳.

۱۱. ساڳيو، ص:۱۰۴.

۱۲. ساڳيو، ص:۴۴.

۱۳. ساڳيو، ص: ۱۱۲.

۱۶. حسینی، امداد، ’دھوپ کرن‘، شہزاد، کراچی، 2014ع، ص:102.

۱۷. پليجو، رسُول بخش، ’باک ڦٽندي ضرور‘، ادب: امداد حُسيني نمبر، مارچ ۲۰۰۳ع، ص: ۴۰.

۱۸. حُسيني، امداد، ’هوا جي سامهون‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۰۰ع، ص: ۱۷۲.

۱۹. ٻُرڙو، رياضت، امداد حُسينيءَ بابت سوال نامي مان ورتل عبارت.

۲۰. حُسيني، امداد، ’ڪرڻي جهڙو پل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۲ع، ص: ۱۱۸.

۲۱. سُومرو، نصير، ’جَل تي ڪنوَل جيئن‘، مهاڳ، ’ٻارن جي مُٺ ۾ لڪل آهيان‘، ۲۰۰۸ع، ص: ۱۵۷.

۲۲. حُسيني، امداد، ’ڪرڻي جهڙو پل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۲ع، ص: ۳۲۷.

۲۳. هَڪڙو، انور فگار، ادب: امداد حُسيني نمبر، ۲۰۰۳ع، ص: ۴۷.







۲۴. ٻيوس، تاجل، ’ڄامشوري جي گل مهر ۾ سفيدن جو شاعر امداد حُسيني‘، روزاني هِلالِ پاڪستان ڪراچي، ۱۸ جُون ۱۹۹۸ع، ص: ۴.

۲۵. امداد، سحر، ڊاڪٽر، ’ڪرڻي جهڙو پل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۲ع، ص: ۳۶۹.

۲۶. امداد، سحر، ڊاڪٽر، ’ڪرڻي جهڙو پل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۲ع، ص: ۳۷۰.

۲۷. حُسيني، امداد، ’ڪرڻي جهڙو پل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۲ع، ص: ۲۴۰.

۲۸. حُسيني، امداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، ۲۰۰۰ع، ص: ۱۰۴، ۱۰۵.

۲۹. چانڊيو، مُنير احمد، ’انساني حقن جو پڌر نامو‘، سينٽر فار پيس اينڊ جج سوسائٽي، ۲۰۱۲ع، ص: ۶.

۳۰. حُسيني، امداد، ’ٻاراٽا گيت‘، سهيڙيندڙ: اُستاد ٻُخاري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۱۹۸۱ع، ص: ۴۶.

۳۱. حسینی، امداد، ’دھوپ کرن‘، شہزاد، کراچی، ۲۰۱۴ع، ص:۱۳۳.